خاکِ مدینہ کی برکتیں (سندھی)

# خاڪِ مدينه جون بَرڪتون



شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

**مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي**

دامت برڪاتهم العاليه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنۡ شَآءَاللهُ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفکربيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: خاڪِ مدينه جون برڪتون

ڇاپو پهريون: ذي القعدة الحرام 1441هه، جون 2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڱتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# خاڪِ مدينه جون برڪتون

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

هي مضمون ”عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون“
جي صفحي 40 کان 67 مان ورتو ويو آهي.

# خاکِ مدينہ جون برڪتون

## دعاءِ عطار

”ياربّ المصطفيٰ! ”خاڪ مدينہ جون برڪتون“ (رسالي) جا 25 صفحات جيڪو بہ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي خاڪِ مدينہ جي ذري ذري کان گهڻي محبت عطا فرماءِ ايمان و عافيت سان خاڪِ مدينہ تي ان کي موت ۽ خاڪ مدينہ ۾ مدفن نصيب ڪر.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت علامہ مجدُالدّين فيروزآبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان منقول آهي: جڏهن ڪنهن مجلس ۾ (يعني ماڻهن ۾) ويهو تہ چئو: بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم وَ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد پوءِ الله پاڪ توهان تي هڪ ملائڪ مقرر فرمائي ڇڏيندو جيڪو توهان کي غيبت کان باز رکندو. ۽ جڏهن مجلس مان اُٿو تہ چئو: بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم وَ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد تہ ملائڪ ماڻهن کي توهان جي غيبت ڪرڻ کان باز رکندو.

(القول البديع ص278)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# مشهور عاشق رسول حضرت امام مالڪ جون 12 حڪايتون

## مديني ۾ پيرين اگهاڙي

ڪروڙين مالڪين جا عظيم پيشوا حضرت سيدنا امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه زبردست عاشق رسول هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مديني پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيمًا جي گهٽين ۾ پيرين اگهاڙي هلندا هئا.

(الطبقات الکُبريٰ للشعراني الجزء الاول ص 76)

## هر رات سروَرِ ڪائناتﷺجو ديدار

حضرت سيدنا مُثَنّي بن سعيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو بيان آهي ته حضرت سيدنا امام مالڪرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪا به رات اهڙي نه گذري جنهن ۾ مون تاجدارِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نه ڪئي هجي.

(حِلية الاولياء ج 6 ص 346)

مٹ جائے یہ خودی تو وہ جلوہ کہاں نہیں

دَردا میں آپ اپنی نظر کا حجاب ہوں

(حدائقِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مديني ۾ سواريءَ ڪان پرهيز

حضرت سيدنا امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون مديني شريف ۾ حضرت سيدنا امام مالڪرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دروازي تي خراسان ۽ مصر جا گهوڙا بڌل ڏٺا جيڪي پاڻرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي تحفي طور پيش ڪيا ويا هئا. ايترا اعليٰ قسم جا گهوڙا مون ڪڏهن به نه ڏٺا هئا. ان ڪري مون عرض ڪيو: ”اهي گهوڙا ڪيڏا نه عمدا آهن!“ فرمايائون: مان اهي سڀ اوهان کي تحفي ۾ ڏيان ٿو، مون عرض ڪيو: ”هڪ گهوڙو

پنهنجي لاءِ به ركي ڇڏيو. فرمايائون: مون کي الله تعاليٰ کان حياءُ ٿو اچي جو ان مبارڪ زمين کي پنهنجي گهوڙي جي پيرن هيٺان لتاڙيان جنهن تي ان جا پيارا پيغمبر، بي بي آمنه جا دلبر، مديني جا تاجُوَر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم موجود آهن يعني جتي سندن مبارڪ روضو آهي. (احياءُ العلوم ج 1 ص 48، الروض الفائق ص 217)

هاں هاں راہِ مدینہ ہے غافل ذرا تو جاگ
او پاؤں رکھنے والے یہ جا چشم و سر کی ہے

(حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضور اڪرم ﷺ جو تذڪرو ڪرڻ وقت سندن رنگ بدلجي ويندو هو

حضرت سيدنا مُصعَب بن عبدالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت سيدنا امام مالک رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عشق رسول جو عالم هي هو جو جڏهن انهن جي سامهون نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو تذڪرو ڪيو ويندو هو ته سندن چهري جو رنگ بدلجي ويندو هو ۽ اهي ذڪرِ مصطفيٰ جي تعظيم جي لاءِ ڪافي جهڪي ويندا هئا. هڪ ڏينهن سندن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان ان جي باري ۾ پڇيو ويو ته فرمايائون: ”جيڪڏهن توهان اهو ڏسو جيڪو مان ڏسان ٿو ته ان جي باري ۾ توهان سوال نه ڪيو ها. (الشفاء ج 2 ص 41، 42)

جان ہے عشقِ مصطفےٰ روز فزوں کرے خدا
جس کو ہو درد کا مزہ نازِ دوا اٹھائے کیوں

(حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حديث پاڪ جي درس جو انداز

حضرت سيدنا امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (17 سالن جي ڄمار ۾ حديث پاڪ جو درس ڏيڻ شروع ڪيو) جڏهن درسِ حديث ڏيڻو هوندو هو (تہ غسل ڪندا هئا)، مَسند سجائي ويندي هئي ۽ پاڻ عمده لباس پائي، خوشبو لڳائي نهايت عاجزيءَ سان پنهنجي حُجري مبارڪ کان ٻاهر تشريف فرما ٿي ان تي با ادب ويهندا هئا ۽ جيستائين ان مجلس ۾ حديثون پڙهيون وينديون هيون ان دوران آڳيٺي ۾ عُود (اگربتي) ۽ لوبان ٻرندو رهندو هو. (بستان المحدثين ص 19، 20)

عنبر زمیں عَبیر ہوا مشک تَر غُبار!
ادنٰی سی یہ شناخت تِری رَہ گزر کی ہے

(حدائقِ بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وڇونءَ 16 ڏنگ هنيا پر حديث جو درس جاري رکيائون

حضرت سيدنا عبدالله بن مبارڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمائن ٿا: حضرت سيدنا ابو عبدالله امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديث جو درس ڏئي رهيا هئا تہ وڇونءَ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي 16 دفعا ڏنگ هنيو. سور جي شدت جي ڪري چهرو مبارڪ ڦڪو ٿي ويو پر حديث جو درس جاري رکيائون ۽ (پاسو ئي نہ ورايائون) ۽ جڏهن درس ختم ٿيو تہ ماڻهو هليا ويا تہ مون عرض ڪيو: اي ابو عبدالله! اڄ مون اوهان ۾ هڪ عجيب ڳالهہ ڏٺي! پاڻ فرمايائون: ها! پر مان حديثِ رسول جي تعظيم جي ڪري صبر ڪيو. (الشفا ج 2 ص 46)

ایسا گُما دے اُن کی وِلا میں خدا ہمیں
ڈھونڈا کرے پر اپنی خبر کو خبر نہ ہو

(حدائق بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حديثن جا ورق پاڻي ۾ وجهي ڇڏيا پر----

عاشقِ مدينه حضرت سيدنا امام مالك رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديث جي فن ۾ سڀ کان پهريان باقاعده ڪتاب مرتب فرمايو، جيڪو مُؤطّا امام مالك جي نالي سان مشهور آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اخلاص جا پيڪر هئا. حضرت سيدنا شيخ محمد عبدالباقي زرقاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: امام مالك رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن ”مُؤطّا“ جي تصنيف کان فارغ ٿيا ته انهن پنهنجو اخلاص ثابت ڪرڻ جي لاءِ مؤطّا جي قلمي نسخي جا سڀ ورق پاڻيءَ ۾ وجهي ڇڏيا ۽ فرمايائون ته ”جيڪڏهن انهن مان هڪ ورق به پسي ويو ته مونکي انهن جي ڪا به ضرورت ناهي.“ پر اها حضرت امام مالك رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سچي نيّت ۽ اخلاص جو نتيجو هو جو هڪ ورق به نه پِڱو. (شرح الزُّرقاني علي الموطا ج 1 ص 36)

بنا دے مجھ کو الٰہی خُلوص کا پیکر
قریب آئے نہ میرے کبھی رِیا یاربّ

(وسائل بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عشق رسول ۾ روئڻ واري محدث جي قدرداني

حضرت سيدنا امام مالك رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان ڪنهن (سندن استاد محترم) حضرت سيدنا ايوب سَخْتِيَاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي باري ۾ پڇيو ته

فرمايائون: مان جن مُحدثن کان حديث روايت ڪيان ٿو اهي انهن سيني کان افضل آهن مون انهن کي ٻہ ڀيرا حج جي سفر ۾ ڏٺو تہ جڏهن انهن جي سامهون نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ تذڪرو ٿيندو هو تہ اهي ايترا تہ روئيندا هئا جو مون کي انهن تي رحم اچي ويندو هو. جڏهن مون تعظيم رسول ۽ عشق رسول جي اها حالت ڏٺي تہ متاثر ٿي انهن کان حديث روايت ڪرڻ لڳس. (الشفا ج 2 ص 41)

يادِ نبيّ پاک ميں روئے جو عمر بھر
مولیٰ مجھے تلاش اُسی چشمِ تر کی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خاڪِ مدينہ جي توهين ڪرڻ واري کي سزا

حضرت سيدنا امام مالڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سامهون ڪنهن خاڪِ مدينہ جي باري ۾ چيو: ”مديني جي مٽي خراب آهي“ اهو ٻڌي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتويٰ ڏنائون تہ ان گستاخ کي ٽيهہ ڪوڙا هنيا وڃن ۽ قيد ۾ وڌو وڃي. (ايضاً ص 57)

جس خاک پہ رکھتے تھے قدم سید عالم
اُس خاک پہ قرباں دلِ شیدا ہے ہمارا

(حدائقِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قضاءِ حاجت جي لاءِ حرم شريف
## کان ٻاهر هليا ويندا هئا

حضرت سيدنا امام مالڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي مديني پاڪ جي مٽيءَ جي تعظيم خاطر مدينه منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا ۾ ڪڏهن بہ قضاءِ حاجت نہ ڪئي ان ڪري هميشہ مديني پاڪ جي حرم کان ٻاهر هليا ويندا هئا، پر مرض جي حالت ۾ مجبور هئا. (بُستان الۡمُحدثين ص 19)

اے خاکِ مدینہ تُو ہی بتا کس طرح پاؤں رکھوں یہاں
تُو خاکِ پا سرکار کی ہے آنکھوں سے لگائی جاتی ہے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مسجد نبوي ۾ آواز هلڪو رکو

حضرت سيدنا امام مالڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان مسجد نبوي شريف علي صاحبها الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ۾ گفتگو جي دوران خليفي ابوجعفر کان آواز بلند ٿي ويو تہ امام مالڪ ان کي فرمايائون: اي خليفہ! هن مسجد ۾ آواز بلند نہ ڪر. الله تعاليٰ حضور جي بارگاھ ۾ آواز هلڪو رکڻ وارن جي مدح (يعني تعريف) فرمائي آهي. جيئن تہ 26 سيپاري **سورة الحُجُرات** جي ٽين آيت مبارڪ ۾ فرمايو آهي:

اِنَّ الَّذِیۡنَ یَغُضُّوۡنَ اَصۡوَاتَہُمۡ عِنۡدَ رَسُوۡلِ اللّٰہِ اُولٰٓئِکَ الَّذِیۡنَ امۡتَحَنَ اللّٰہُ قُلُوۡبَہُمۡ لِلتَّقۡوٰی ؕ لَہُمۡ مَّغۡفِرَۃٌ وَّ اَجۡرٌ عَظِیۡمٌ ﴿۳﴾

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ جيڪي پنهنجو آواز جهڪو رکندا آهن الله جي رسول وٽ، اهي ئي آهن جن جي دل الله پرهيز گاري جي واسطي پرکي ڇڏي آهي انهن جي واسطي بخشش ۽ وڏو ثواب آهي.

۾ جڏهن تہ آواز بلند ڪرڻ وارن جي هنن لفظن ۾ مذمت بيان فرمائي آهي. جيئن تہ انهيءَ ئي سورت جي چوٿين آيتِ ڪريمہ آهي:

اِنَّ الَّذِيْنَ يُنَادُوْنَكَ مِنْ وَّرَآءِ الْحُجُرٰتِ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ۝۴

**ترجموڪنزالايمان:** بيشڪ اهي جيڪي تو کي حُجري جي ٻاهران پڪارن ٿا انهن مان اڪثر بي عقل آهن.

تاجدارِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عزت ۽ حُرمت يقينًا اڄ بہ اهڙي ئي آهي جهڙي طرح ظاهري حياتي ۾ هئي امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ان گفتگو کان پوءِ ابو جعفر خاموش ٿي ويو. (الشفا ج 2 ص 41)

تجھ سے چھپاؤں منہ تو کروں کس کے سامنے
کیا اور بھی کسی سے توقع نظر کی ہے

(حدائقِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## روضيءَ رسول ڏانهن منهن ڪري دعا گهرو

حضرت سيدنا امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان خليفي ابو جعفر منصور پڇيا ڪئي تہ مان روضي انور جي حاضري جي موقعي تي قبلي ڏانهن منهن ڪري دعا گهران يا نبي اڪرم، نور مُجسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن رخ ڪريان. حضرت سيدنا امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان تون منهن ڪيئن ڦيرائي ٿو سگهين؟ حضور تاجدار رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تہ قيامت جي ڏينهن اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ توهان ۽ توهان جي محترم والد حضرت سيدنا آدم صفيُّ اللّٰه عَلَيْهِ السَّلَام

جي لاءِ بہ وسيلو آهن، توهان نبي رحمت، شفيع امت صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏانهن ئي منهن ڪري شفاعت جي خيرات گهرو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي حبيب صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت ضرور قبول فرمائيندو. اللّٰه ربُّ الۡعِباد عَزَّوَجَلَّ پاڻ ئي ارشاد فرمائي ٿو:

وَ لَوۡ اَنَّهُمۡ اِذۡ ظَّلَمُوۡۤا اَنۡفُسَهُمۡ جَآءُوۡكَ فَاسۡتَغۡفَرُوا اللّٰهَ وَ اسۡتَغۡفَرَ لَهُمُ الرَّسُوۡلُ لَوَجَدُوا اللّٰهَ تَوَّابًا رَّحِيۡمًا ﴿۶۴﴾

(پ 5 النساء 64)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن اهي پنهنجي پاڻ تي ظلم ڪن تہ اي محبوب تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر ٿين پوءِ اللّٰه کان معافي گهرن ۽ رسول انهن جي شفاعت فرمائي تہ ضرور اللّٰه کي گهڻو توبهہ قبول ڪندڙ مهربان لهندا.

(الشفا ج 2 ص 41)

مجرم بلائے آئے ہیں ”جاءُوۡکَ“ ہے گواہ
پھر رد ہو کب یہ شان کریموں کے در کی ہے

(حدائقِ بخشش)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جنهن ڪان ٿي سگهي اهو مديني ۾ مري

حضرت سيدنا عبداللّٰه بن عمر رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُمَا کان روايت آهي تہ رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”مَنِ اسۡتَطَاعَ أَنۡ يَّمُوۡتَ بِالۡمَدِيۡنَةِ فَلۡيَمُتۡ بِهَا فَإِنِّيۡ أَشۡفَعُ لِمَنۡ يَّمُوۡتُ بِهَا“ يعني جيڪو مديني ۾ مري سگهي تہ اهو اتي مري، چو تہ مان مديني ۾ مرڻ وارن جي شفاعت ڪندس.

(ترمذي ج 5 ص 483 حديث 3943)

مفسّرِ شهير حڪيمُ الۡاُمَّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ظاهر اهو آهي تہ اها بشارت ۽ هدايت سيني مسلمانن لاءِ

آهي نہ رڳو مهاجرن لاءِ يعني جنهن مسلمان جي نيّت مديني پاڪ ۾ مرڻ جي هجي تہ اهو اتي ئي مرڻ جي ڪوشش بہ ڪري ۽ خدا تعالٰي نصيب ڪري تہ اتي ئي قيام ڪري خاص طور تي پوڙهائپ ۾ ۽ بنا ضرورت جي مديني پاڪ کان ٻاهر نہ وڃي تہ جيئن موت ۽ مدفن بہ اتي ئي نصيب ٿئي. حضرت عمر رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ دعا ڪندا هئا تہ ”مولا! مون کي پنهنجي محبوب جي شهر ۾ شهادت جو موت ڏي“. سندن جي دعا اهڙي مقبول ٿي جو سُبۡحٰنَ اللّٰہ! فجر جي نماز مسجد نبوي ۾، محراب النبي ۾ مصلي نبي تي امامت فرمائي ۽ اتي ئي شهادت ماڻي. مون ڪيترن ئي ماڻهن کي ڏٺو تہ ٽيهہ چاليهہ سالن کان مديني منوره ۾ آهن ۽ مديني پاڪ جي حدن ۾ ايتري تائين جو مديني شهر کان بہ ٻاهر ناهن ويندا ۽ ان خوف سبب تہ ڪٿي موت نہ اچي وڃي، حضرت امام مالڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جو بہ اهو ئي طريقو رهيو. (مِراۃ المناجيح ج 4 ص 222)

## مديني ۾ وفات ۽ رخصت جي وقت نيڪي جي دعوت

حضرت سيّدنا امام مالڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي وفات 179 هجري صفر المظفر يا ربيع الاول جي 10، 11 يا 14 تاريخ مديني پاڪ زَادَهَا اللہُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِیۡمًا ۾ ٿي ۽ جنَّتُ الفِردوس ۾ دفن ٿيا. رحلت جي وقت پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ **نيڪي جي دعوت** ڏني، حضرت سيّدنا يحيٰ بن يحيٰ مَصۡمُودِي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا تہ حضرت سيدنا امام مالڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ بيان ڪن ٿا تہ سيدنا رَبِيۡعہ فرمايو: ”منهنجي نزديڪ ڪنهن شخص کي نماز جا مسئلا ٻڌائڻ زمين جي سڄي دولت صدقو ڪرڻ کان بهتر آهي ۽ ڪنهن شخص جي ديني پريشاني ختم ڪرڻ سؤ حج ڪرڻ کان بہ افضل آهي“ ۽

سيدنا ابن شَهاب زُهري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي حوالي سان ٻڌايو ته انهن فرمايو: ”منهنجي نزديڪ ڪنهن شخص کي ديني مشورو ڏيڻ هڪ سؤ غزون ۾ جهاد ڪرڻ کان به بهتر آهي“ سيّدنا يحيٰ بن يحيٰ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: انهيءَ گفتگو کان پوءِ سيدنا امام مالڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جن ڪا به ڳالهه نه ڪئي ۽ دم ڏٽي حوالي ڪيائون. (بستان المحدثين ص 38، 39)

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

طيبه ميں مر کے ٹھنڈے چلے جاؤ آنکھیں بند
سیدھی سڑک یہ شہرِ شفاعت نگر کی ہے

(حدائق بخشش)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## محبوب ڏي پرچائڻ جا نرالا انداز

ڪنهن محمود غزنوي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهکي مديني پاڪ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا جي حاضري دوران مسجد نبوي عَلٰي صاحِبِهَا الصَّلوٰةُ وَالسَّلَام ۾ فقيراڻو لباس پائي، ڪنڌ تي مشڪيزو کڻي حرم پاڪ جي زيارت ڪرڻ وارن کي پاڻي پيئاريندي ڏسي چيو: ڇا اوهان غزني جا سلطان ناهيو؟ پنهنجو ڪهڙو حال ڪيو اٿوَ؟ جواب ڏنائون: ”مان سلطان ضرور آهيان، پر غزنيءَ ۾، هن دربار ۾ شهنشاهه به فقير ۽ گداگر هوندا آهن.“ پڇڻ واري کي اهو ديوانگي وارو جواب ڏاڍو پيارو لڳو. ڪجهه دير کان پوءِ ان ڏٺو ته مصر جو شهنشاهه شاهي شان و شوڪت ۽ دٻدٻي سان اچي رهيو آهي. ان شخص وڏي ڪري چيو: اوهان ايتري وڏي جرئت

ڪئي! مدينہ منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيمًا جي حاضريءَ لاءِ اهڙو شاهي دٻدٻو اختيار ڪيو! جيڪو جواب مصر جي شهنشاهه ڏنو اهو بہ سونهري اکرن سان لکڻ جي قابل آهي. مصر جي بادشاهه چيو: اي سوال ڪرڻ وارا! اهو تہ ٻڌاءِ! اها بادشاهي ڪنهن هستيءَ عطا ڪئي آهي؟ يقيني طور مديني واري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ئي عنايت فرمائي آهي. ان ڪري شاهي تاج ۽ لباس سان حاضر ٿيو آهيان تہ جيئن ڏيڻ وارو پنهجِن مبارڪ اکين سان ڏسي. (باره تقريرين ص 204 بتغير)

**الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

کس چیز کی کمی ہے مولیٰ تری گلی میں
دنیا تری گلی میں عُقبیٰ تری گلی میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَذانِ بلال

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقِ بي مثال، حضرت سيدنا بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو نالو زبان تي اچي ٿو تہ بلاتامل هڪ تمام وڏي عاشق رسول جو تصور قائم ٿي وڃي ٿو. ايمان آڻڻ ۽ غلاميءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ کان پوءِ عاشقِ بي مثال حضرت سيدنا بلال رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجي زندگي جا بهترين ڏينهن سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ گذاريا، پر ظاهري وصال کان پوءِ آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جدائي کي برداشت نہ ڪندي مديني پاڪ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيمًا کان هجرت ڪري شام ملڪ جي علائقي "دَارَيّا" ۾ رهائش اختيار ڪئي، ڪجهه

عرصو گذرڻ کانپوءِ هڪ رات خواب ۾ سرڪار نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار فيضِ آثار سان مشرف ٿيا. چپ مبارڪ چُريا، رحمت و محبت ڀريا گل ترڻ لڳا ۽ لفظن اها ترتيب ورتي: مَا هٰذِهِ الۡجَفۡوَةُ يَا بِلَال ! اَمَا آنَ لَكَ اَنۡ تَزُوۡرَنِيۡ يَا بِلَال ! ”اي بلال! اها ڪهڙي جفا آهي؟ ڇا اجان اهو وقت نہ آيو آهي تہ منهنجي زيارت جي لاءِ حاضر ٿئين؟“ عاشق بي مثال حضرت سيدنا بلال رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ بيدار ٿيندي ئي رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪم جي تعميل ۾ مدينہ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا ڏانهن روانا ٿي ويا ۽ سفر ڪندي عاشقن جي مرڪز مدينہ پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا جي نوراني فضائن ۾ داخل ٿي بي چين ٿي رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مزار پاڪ تي حاضر ٿيا. بيقرار ٿي ويا، اکين مان ڳوڙهن جي لار وهڻ لڳي ۽ پنهنجو چهرو مبارڪ مزار پاڪ جي خاڪ سان مَلڻ لڳا. حضرت سيدنا بلال رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جي اچڻ جي خبر ٻڌي گلشن رسالت جا مهڪندڙ گل حسنين ڪريمين (يعني حضرت سيدنا حسن ۽ حسين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا) بہ تشريف فرما ٿيا. حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ گرمجوشيءَ سان ٻنهي شهزادن کي ڀاڪر پائي پيار ڪرڻ لڳا، شهزادن فرمائش ڪئي تہ اي بلال! اسان کي هڪ دفعو اها اذان ٻڌاءِ جيڪا اوهان نانا جان صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حياتِ ظاهري ۾ ڏيندا هئا. هاڻي انڪار جي گنجائش ڪٿي هئي؟ پوءِ حضرت سيدنا بلال رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ مسجد نبوي شريف عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي ڇت جي ان حصي تي تشريف فرما ٿيا جتي هو حضور پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري حيات ۾ اذان ڏيندا هئا جڏهن سيدنا بلال رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ”اَللّٰهُ اَکۡبَرُ اَللّٰهُ اَکۡبَرُ“ سان اَذان جو آغاز فرمايو تہ مديني پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا جي ماڻهن ۾ شور مچي ويو ۽ ماڻهو بيتاب ٿي

ويا. جڏهن ”اَشْهَدُاَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰه“ جا جملا چيا تہ چوڌاري روج راڙي جو شور شروع ٿي ويو ۽ جڏهن هنن لفظن تي پهتا: ”اَشْهَدُاَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ“ تہ ماڻهو بيتاب ٿي هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا: ”ڇا سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن روضي مبارڪ مان ٻاهر تشريف فرما ٿيا آهن؟“ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري وصال کانپوءِ مديني منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ۾ ان ڏينهن کان وڌيڪ ڪڏهن بہ ايترو روج راڙو نہ ٿيو هو. ان واقعي کان پوءِ عاشق بي مثال حضرت سيدنا بلال رَضِيَ اللهُ عَنْهُ باقي زندگي ۾ هر سال هڪ دفعو مديني پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا حاضر ٿيندا هئا ۽ اذان ڏيندا هئا. (تاريخ دمشق ج 7 ص 137، فتاويٰ رضويہ ج 10 ص 720 ملخصًا)

جاہ و جلال دو نہ ہی مال و مَنال دو
سوزِ بلال بس مری جھولی میں ڈال دو

(وسائل بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غرناطہ جو مايوس مريض

ابو محمد اِشْبِيلي پنهنجو هڪ واقعو بيان فرمائن ٿا: مان غرناطہ ۾ هڪ اهڙي بيمار وٽ ترسيس جنهن کي طبيبن لاعلاج قرار ڏئي ڇڏيو هو. ان بيمار جي هڪ خادم ابن ابي خصال، سرڪار نامدار مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار ۾ پنهنجو عريضو لکيو جنهن ۾ ان پنهنجي مالڪ جي بيماري جو تذڪرو ڪيو هو ۽ درخواست ڪئي هئي تہ ان کي شفا نصيب ٿئي. ابو محمد فرمائن ٿا: ”اهو عريضو کڻي هڪ مديني جو مسافر غرناطہ کان مدينہ منوره

زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا ۾ حاضر ٿيو ان جيئن ئي اهو خط دربارِ رسالت ۾ پڙهيو تہ بيمار کي غرناط ۾ شفا ملي وئي.“

(وفاءُ الوفا ج 2 ص 1387 ملخصًا)

فقط اَمراضِ جسمانی کی ہی کرتا نہیں فریاد
گناہوں کے مرض سے بھی شفا دو یارسولَ اللّٰہ

(وسائل بخشش)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## آبِ زم زم جو با ڪمال ساقي

شيخ ابو ابراهيم وَرَّاد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مان هڪ دفعي حج ۽ زيارتِ مدينہ جي سعادت حاصل ڪئي. قافلي وارا پيسن جي گهٽتائي جي ڪري مون کي اڪيلو مديني پاڪزَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا ۾ ڇڏي هليا ويا. مون بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي فرياد ڪيو: يا رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ساٿي مون کي اڪيلو ڇڏي هليا ويا آهن. جڏهن سُتُس تہ خواب ۾ جناب رسالت مآب صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”مڪي شريف وڃو اتي هڪ شخص زم زم جي کوهہ تي پاڻي ڪڍي ماڻهن کي پياريندو هوندو ان کي چئجو تہ رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حڪم ڏنو آهي تہ مون کي منهنجي گهر تائين پهچايو“ مان ارشاد مطابق مڪي پاڪ زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا پهتس ۽ زم زم شريف جي کوهہ تي آيس جتي هڪ شخص پاڻي ڪڍي رهيو هو، ان کان اڳ جو مان ڪجهہ چوان، اهو چوڻ لڳو تہ ٻيهہ! مان ٿورو ماڻهن کي پاڻي پياري وٺان، جڏهن هو فارغ ٿيو تہ رات ٿي چڪي هئي. ان چيو: ”بيت اللّٰه شريف جو طواف ڪري وٺ ۽ پوءِ مون سان گڏ مڪي شريف زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا

جي مٿين حصي ڏانهن هل.“ جڏهن تہ مان طوافِ ڪعبہ جو شرف حاصل ڪرڻ کان پوءِ ان سان گڏ ان جي پنيان هلڻ لڳس. جڏهن صبح ٿيڻ لڳي تہ مون پاڻ کي اهڙي واديءَ ۾ محسوس ڪيو جنهن ۾ تمام گهاٽا وڻ ۽ پاڻي جا چشما هئا. مون سوچيو تہ هي وادي تہ منهنجي وادي ”شَفشاوَہ“ جهڙي ٿي لڳي ۽ جڏهن چڱي طرح فجر جو سوجهرو ظاهر ٿيو ۽ مان غور سان ڏٺو تہ واقعي اها وادي ”شَفَشَاوَہ “ئي هئي. مان خوش ٿي پنهنجي گهروارن وٽ پهتس ۽ پنهنجي گهر پهچڻ جو داستان ٻڌائي سيني کي حيرت ۾ اچرج ۾ وجهي ڇڏيو. ماڻهن منهنجي قافلي جي باري ۾ پڇيو تہ مون انهن کي ٻڌايو: اهي مون کي غريب ۽ نادار سمجهي مديني پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا ۾ اڪيلو ڇڏي پنهنجي وطن هليا ويا هئا، ڪن ماڻهن منهنجي ڳالهہ کي صحيح تسليم ڪيو ۽ ڪن مون کي ڪوڙو سمجهيو. ڪجهہ مهينا گذريا تہ منهنجو قافلو اچي پهتو ۽ ماڻهو حقيقت کان واقف ٿيا ۽ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه سيني مون کي سچو سمجهي ورتو. (شواهد الحق ص 229) (جيئن تہ اڳوٽي زماني ۾ اٺ ۽ خچر وغيره تي سفر ٿيندو هو، گهٽو ڪري ان سبب جي ڪري قافلو ڪجهہ مهينن کان پوءِ پهتو) اللہ عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تنکا بھی ہمارے تو ہلائے نہیں ہلتا
تم چاہو تو ہو جائے ابھی کوہِ محن پھول

(حدائق بخشش)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٿي روپيامدينو...... ٿي روپيا ملتان

هيءَ حڪايت مون (سگ مدينہ عُفِيَ عَنہ) کي ڪافي عرصو اڳ ڪنهن ٻڌائي هئي. پنهنجي ياداشت مطابق پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو: حاجين جو هڪ قافلو مدينةُ الاولياء ملتان (پاڪستان) کان مدينةُ المصطفٰي زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعۡظِيۡمًا ويو، ان ۾ هڪ مديني جو ديوانو بہ شامل هو. حج بيت اللّٰه ۽ مدينہ پاڪ جي حاضري کان پوءِ جڏهن سڀ ملتان شريف پهچي ويا. اتي هڪ حاجيءَ ديواني کي تنگ ڪندي چيو تہ توکي رسالت مآب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار مان ڪا سند بہ عطا ٿي آهي يا نہ؟ ان چيو: ”نہ“. ان حاجي پنهنجي هٿ اکرين لکيل هڪ چِٺِي ان ديواني کي ڏيکاريندي چيو تہ ڏس مون کي روضي انور مان هيءَ سند ملي آهي چِٺِيءَ تي لکيل هو تہ ”تنهنجي مغفرت ڪئي وئي آهي“ ديوانو اها چٺي پڙهي بيقرار ٿي روئڻ لڳو ۽ اهو چوندي هلڻ لڳو: ”مان هينئر ئي پنهنجي ڪريم آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان مغفرت جي سند وٺندس“ بيقرار ٿي جڏهن روڊ تي آيو تہ هڪ بس بيٺي هئي ۽ ڪنڊيڪٽر آواز لڳائي رهيو هو تہ ٿي روپيا مدينو، ٿي روپيا مدينو. ديوانو جلديءَ ۾ بس ۾ سوار ٿي ٿي روپيا ڏنا ۽ بس هلڻ لڳي. ٿوري دير کان پوءِ ڪنڊيڪٽر آواز ڏنو: مدينو اچي ويو، مدينو اچي ويو. اهو ديوانو بس مان لٿو. سُبۡحٰنَ اللّٰه! اهو تہ واقعي مديني ۾ ئي هو ۽ ان جي نظرن جي سامهون سبز سبز گنبذ پنهنجا جلوا ڏيکاري رهيو هو. ان بيتابي سان قدم اڳتي وڌايا ۽ مسجد نبوي شريف عَلٰى صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۾ داخل ٿي سونهري ڄارين جي سامهون حاضر ٿيو. ان جي سيني ۾ لڪل ڳوڙهن جو طوفان اکين

جي ذريعي وهڻ لڳو ۽ سلام عرض ڪرڻ کان پوءِ ان آلين اکين سان معفرت جي سند جي التجا پيش ڪئي. اوچتو هڪ ڪاغذ ان جي سيني تي اچي ڪريو بي قرار ٿي ان پڙهيو ته ان تي لکيل هو ته **”تنهنجي مغفرت ڪئي وئي آهي.“** ان اهو ڪاغذ ڪيسي ۾ سنڀالي رکيو ۽ خوشيءَ سان ٻاهر نڪتو، اها ئي بس نظر آئي ۽ ڪنڊيڪٽر آواز ڏئي رهيو هو ته **ٽي روپيا ملتان! ٽي روپيا ملتان!** اهو ديوانو ان بس ۾ سوار ٿيو، ٽي روپيا ڏنائين ۽ بس هلي پئي. ڪجهه دير بعد ڪنڊيڪٽر آواز ڏني: ”ملتان اچي ويو! ملتان اچي ويو!!“ ديوانو لٿو ۽ پنهنجي قافلي وارن وٽ پهتو، جيئن ته اهو سڀ ڪجهه ٿوري وقت ۾ ئي ٿيو هو، ان ڪري سڀ حاجي اتي ئي موجود هئا. انهن جڏهن ديواني وٽ سند ڏٺي ته حيران ٿي ويا ۽ انهن ان ديواني جو وڏو احترام ڪيو ۽ خاص طور جنهن حاجيءَ ان ديواني سان مذاق ڪيو هو، اهو اوڇنگاريون ڏئي روئڻ لڳو ۽ ان پنهنجي گناهه کان توبهه ڪئي ۽ ان ديواني کان معافي گهري ۽ پڪو پهه ڪيو ته جيستائين سند عطا نه ٿيندي هر سال حج ڪندس ۽ مدني دربار ۾ حاضري ڏيندي مغفرت جي سند جي خيرات گهرندس. مونکي پنهنجي ڪريم آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم مان ڪامل اميد آهي ته مون گنهگار کي مايوس نه موٽائيندا. ديوانو پنهنجي هوش ۾ نه هو ۽ ٿورن ڏينهن ۾ ئي ان جو انتقال ٿي ويو ۽ اهو حاجي اڄان تائين هر سال لاڳيتو حَرَمَين شَرِيفَين جي حاضريءَ کان مشرف ٿي رهيو آهي.. (هي تحرير لکڻ وقت (8 شوال المڪرم 1433 ھ) اندازي سان هن واقعي کي ٻڌندي 35 سالن جو عرصو گذري چڪو آهي في الحال ان حاجي جي احوال کان واقفيت ناهي)

تمنّا ہے فرمایئے روزِ محشر
یہ تیری رِہائی کی چِھٹی ملی ہے

(حدائقِ بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آقا جي ڪرم سان ٽم ٿيل پٽ ملي ويو

شيخ ابو القاسم بن يوسف اِسَڪندَراني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا تہ مان مديني منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعۡظِيۡمًا ۾ هڪ عاشق رسول کي ڏٺو تہ اهو قبر انور وٽ هن طرح فرياد ڪري رهيو آهي: ”يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مان اوهان جو وسيلو ٿو وٺان تہ جيئن منهنجو پٽ مونکي واپس ملي وڃي.“ منهنجي پڇڻ تي ان ٻڌايو تہ ”جدي شريف کان ايندي قضاءِ حاجت جي لاءِ ويس، ان دوران منهنجو پٽ گم ٿي ويو.“ ڪجهه سالن کان پوءِ اهو شخص مون کي مصر ۾ مليو تہ مون ان کان سندس پٽ جي باري ۾ پڇيو، ان ٻڌايو تہ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه مون کي منهنجو پٽ ملي ويو. ٿيو ائين جو هڪ قبيلي وارن ان کي زبردستي پنهنجو غلام ٻڌائي اُٺَ چارڻ تي لڳائي ڇڏيو هو. انهيءَ ئي قبيلي جي هڪ عاشق رسول ۽ نيڪ سيرت عورت خواب ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ مصري نوجوان کي آزاد ڪرائي ان کي ان جي گهر موڪليو. اهڙي طرح ان عاشق رسول عورت جي سفارش تي منهنجي پٽ کي آزاد ڪيو ويو.

(شواهد الحق في الاستغاثة بسيد الخلق ص 230 ملخصًا)

**اللهعَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

والله وہ سُن لیں گے فریاد کو پہنچیں گے
اِتنا بھی تو ہو کوئی جو "آہ" کرے دل سے

(حدائقِ بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## آقا ﷺ کي پڪارڻ سان ڪمزوري ختم ٿي ويندي هئي

حضرت سيدنا ابو عبدالله محمد بن سالم سِجِلْمَاسِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون محترم نبي، مکي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي انور جي زيارت جي نيت سان پيادل ويندڙ مديني جي قافلي جو مسافر ٿيس. سفر دوران جڏهن ڪٿي ڪا ڪمزوريءَ محسوس ٿيندي هئي ته عرض ڪندو هئس: اَنَا فِیْ ضِیَافَتِکَ یَارَسُوْلَ اللّٰه يعني يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان اوهان جي مهماني ۾ آهيان ته اها ڪمزوري يڪدم ختم ٿي ويندي هئي. (شواهد الحق ص 231) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تھکا ماندہ ہے وہ جو پاؤں اپنے توڑ کر بیٹھا
وُہی پہنچا ہوا ٹھہرا جو پہنچا کُوئے جاناں میں

(ذوق نعت)

## ڪنبذ خضرا ڏسندي ئي ساهه نڪري ويو!

مولانا حافظ بصير پُوري پنهنجي حج جي سفر نامي ۾ لکن ٿا ته 1972ع ۾ مونکي مدينه منوره زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيمًا ۾ رمضان المبارڪ جو مهينو نصيب ٿيو. غالبًا رمضان المبارڪ جو ٻيو جمعو هو، هڪ عاشق رسول پنهنجي ساٿين کي مجبور ڪري مکي شريف زَادَهَا اللّٰه

شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا وڃڻ کان پھريان مدينہ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا وني آيو ۽ ايندي ئي سامان کان بي پرواھ ٿي رحمت عالميان، سلطان ڪون و مڪان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار ۾ حاضر ٿيو، سلام عرض ڪرڻ کان پوءِ ٻہ رڪعت نفل ادا ڪيا ۽ باب جبرائيل کان ٻاھر نڪتو، ڪنڌ ڦيرائي گنبد خضرا تي نظر وڌي تہ بيھوش ٿي ڪري پيو، وات مان رت وھڻ لڳس ۽ ٻنا ڦٿڪڻ جي انتقال ڪري ويو. (انوار قطب مدينہ ص 62) الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجَاهِ النّبِيِّ الاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

کاش! گنبدِ خَضرا پر نگاہ پڑتے ہی
کھا کے غش میں گر جاتا پھر تڑپ کے مر جاتا

(وسائل بخشش)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرض ادا ٿي ويو

حضرت سيدنا محمد بن مُنْکَدِر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو صاحبزادو بيان ٿو ڪري تہ يمن جي ھڪ شخص منهنجي والد صاحب وٽ 80 دينار رکرائيندي عرض ڪيو: ”جيڪڏھن ضرورت پوي تہ ان کي خرچ ڪجو ۽ جڏھن واپس موٽان تہ مون کي ڏئي ڇڏجو.“ اھو پاڻ جهاد جي لاءِ ھليو ويو ان جي وڃڻ کان پوءِ مدينہ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ۾ سخت ڏڪار پئجي ويو، والد صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اھي دينار ماڻھن ۾ ورھائي ڇڏيا، ٿورو ئي عرصو گذريو ھيو تہ اھو شخص واپس اچي ويو ۽ ان پنهنجي رقم گھري. والد محترم چيو تہ سڀاڻي اچجان ۽ پاڻ ان رات مسجد نبوي شريف ۾ ترسي پيا، ڪڏھن مزار فائضُ

الانوار تي پيا حاضر ٿين ۽ سرڪار نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نگاھ ڪرم پيا طلب ڪن ته وري ڪڏھن منبر پاڪ وٽ اچي دعائون ۽ التجائون پيا ڪن، ايتري تائين جو صبح جو سوجھرو ٿيڻ لڳو. اونداھيءَ ۾ ھڪ شخص تيلھي وڏائيندي چيو: ”اي محمد بن مُنڪَدِر ھي وٺ“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ھٿ وڏائي اھا تيلھي ورتي، کولي ڏٺائون ته ان ۾ 80 دينار ھئا، صبح ٿي ته رقم رکڻ وارو شخص اچي ويو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 80 دينار ان جي حوالي ڪيا، اھڙي طرح ان قرض جي بار کان نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نگاھِ ڪرم سان بري ٿي ويا. (شواھد الحق ص 227) **الله** عَزَّوَجَلَّ **جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ہر طرف مدینے میں بھیڑ ہے فقیروں کی
ایک دینے والا ہے کل جہاں سوالی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيمار تُرڪ شخص جو علاج

مديني پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ۾ ھڪ شخص کي ڏٺو ويو جيڪو سڄو زخمن سان ڀريو پيو ھو. خبر پئي ته اھو تُرڪيءَ جو رھاڪو ھو ۽ 15 سالن کان بيمار ھو، ترڪيءَ ۾ علاج کان مايوس ٿيو ته ڪنھن مديني شريف زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جي خاڪِ شفا استعمال ڪرڻ جو مشورو ڏنو. تُرڪ مريض ان ھدايت تي عمل ڪيو. جيڪو مرض 15 سالن ۾ صحيح نه ٿيو ھو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه اھو مرض ھڪ سال ۾ ڪافي نيڪ ٿي ويو، اھو تُرڪ شخص روئي روئي پنھنجو دردناڪ واقعو

ٻڌائيندو هو ۽ مديني جي مٽي جون فضيلتون بيان ڪندو وتندو هو. (مدينة الرسول ص 133 ملخصًا)

نہ ہو آرام جس بیمار کو سارے زمانے سے
اُٹھا لے جائے تھوڑی سی خاک اُن کے آستانے سے

(ذوق نعت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ بيشڪ مديني جي مٽيءَ ۾ الله تعاليٰ شفا رکي آهي، جيڪڏهن سچو اعتقاد هجي تہ اِنْ شَآءَالله مايوسي نہ ٿيندي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه مديني پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جي مٽي مان شفاياب ٿيڻ جون بشارتون حديثن مبارڪن ۾ موجود آهن. ٽي فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ ڪيو: (1) غُبَارُ الْمَدِيْنَةِ شِفَاءٌ مِّنَ الْجُذَامِ يعني خاڪِ مدينہ ۾ ڪوڙهہ کان شفا آهي. (جامع صغير ص 355 حديث 5753) حضرت علامہ قسطلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مديني منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جي هڪ خاصيت اها بہ آهي تہ ان جي مبارڪ مٽي ڪوڙهہ، اڇن نشانن جي بيمارين بلڪ هر بيماريءَ جي لاءِ شفا آهي. (المواهب اللدنيہ ج 3 ص 431) (2) غُبَارُالْمَدِيْنَةِ يُبْرِئُ الْجُذَامَ يعني خاڪِ مدينہ جذام کي صحيح ڪري ڇڏيندي آهي. (جامع صغير ص 355 حديث 5754) (3) وَالَّذِيْ نَفْسِيْ بِيَدِهٖ اِنَّ فِيْ غُبَارِهَا شِفَاءً مِّنْ كُلِّ دَاءٍ ان ذات جو قسم! جنهن جي قبضي قدرت ۾ منهنجي جان آهي تہ بيشڪ خاڪِ مدينہ ۾ هر بيماريءَ جي شفا آهي. (الترغيب والترهيب ج 2 ص 122 حديث 1885)

## ديني جي مٽيءَ ۾ ميون ۾ شفا

جذبُ القُلُوب ۾ آهي تہ الله تعاليٰ مدينہ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جي مٽي ۽ ميون ۾ شفا رکي آهي ۽ ڪيترن ئي حديثن مبارڪن ۾ آيو آهي تہ مديني جي مٽي ۾ هر مرض کان شفا آهي ۽ ڪن حديث مبارڪن ۾ مِنَ الْجُذَامِ والبَرص يعني ڪوڙهہ ۽ چِٽِي (يعني برص) جي بيماري کان شفا جو ذڪر آهي ۽ ڪن روايتن ۾ مديني جي هڪ خاص هنڌ ”صُعَيب“ (عوام ان جڳهہ کي ”خاڪ شفا“ چوندا آهن)، جو تذڪرو آهي ۽ ڪن روايتن ۾ آهي تہ سرڪار مدينہصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪجهہ اصحابن کي حڪم ڏنو تہ اهي ان خاڪ مان بخار جو علاج ڪن، بزرگن جون ان خاص مقام ”صُعَيب“ جي خاڪ مبارڪ مان شفا جون حڪايتون بہ ملن ٿيون. (جذب القلوب ص 27)

## سڄي سال جو بخار هڪ ڏينهن ۾ ختم

حضرت سيدنا مجدالدّين فيروز آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجو غلام هڪ سال کان بخار ۾ ورتل هو، مون مقامِ صُعَيب تان مٽي يعني خاڪِ شفا ڪنئي ۽ پاڻي ۾ (ٿوري مقدار ۾) ملائي پيئاري تہ اَلْحَمْدُلِلّٰه انهيءَ ڏينهن ئي شفاياب ٿي ويو. (ايضًا)

## خاڪِ شفا مان سُوڄ جو علاج

شيخ محقق، حضرت علامہ شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جن ڏينهن ۾ منهنجي مدينہ منوره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا ۾ حاضري هئي، ڪنهن مرض جي ڪري منهنجو پير سُڄي ويو، طبيبن ان کي مُهلڪ (يعني هلاڪ ڪرڻ وارو مرض) قرار ڏيندي علاج کان هٿ روڪي ورتو. مون (مقامِ صُعَيب نالي هنڌ تان) خاڪِ

پاڪ ڪنئي ۽ استعمال ڪرڻ شروع ڪئي. اَلحَمدُلِلّٰه تورن ئي ڏينهن ۾ وڏي آسانيءَ سان اها سوڄ ختم ٿي وئي. (ايضاً) عاشقانِ رسول مقامِ”صُعَيب“ کي ”خاڪ شفا“ جي نالي سان سڃاڻيندا هئا. پر افسوس! اهو مبارڪ هنڌ هاڻي لڪايو ويو آهي. **ڪڏهن ڪڏهن عاشق ڪوٺي ”خاڪ شفا“ حاصل ڪندا آهن،** پر انتظاميه وغيره وري ان تي ڏامر وغيره وجهي بند ڪري ڇڏيندي آهي.

مدینے کی مِٹّی ذرا سی اُٹھا کر
پیو گھول کر ہر مرض کی دَوا ہے

(وسائل بخشش)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ **"مدني انعامات"** تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ **"مدني قافلن"** ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net